# اسان چو نٿا بدلجون

**10-October-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# اسان چو نتيون بدلجون

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُضُور نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻيو ڪا ڇانوَ نہ هوندي، تي (3) شخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتيءَ جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو- (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ١٣١حديث: ٣٦٦ )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارين پيارين اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ڀين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ڀين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! دنيا آخرت جي ڪِيتي آهي، اسان هن دنيا ۾ جيڪو پوکينديوسين اهو ئي آخرت ۾ لُڻنديوسين، ڇوتہ قيامت جو ڏينهن نيڪين جي جزا ۽ گناهن جي سزا ملڻ جو ڏينهن آهي پر افسوس! اهو سڀ ڪجھ خبر هئڻ جي باوجود اسان عبادتِ خداوندي کان پري ۽ ٻين ٻانهن جي حقن جي ادائيگي کان بي پرواهہ ٿي ڪوڙ، غيبت، چغلي، ڌوڪو، دنيا جي محبت ۾ بد مست ۽ آخرت جي تياري کان غافل آهيون ۽ پنهنجو پاڻ کي بدلڻ جي ڪوشش نٿا ڪيون، هوندئن تہ انسان جي اصلاح ۾ ڪوڙ ساريون شيون رڪاوٽ هونديون آهن، پر اڄ جي بيان ۾ (3) اهم سبب (1) ڊگهيون اميدون (2) خود اِحتسابي (محاسَبہ نفس) جو نہ هئڻ يعني پنهنجي عملن جو جائزو نہ وٺڻ ۽ (3) بُري صحبت جي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون ۽ آخر ۾ پنهنجي اصلاح جو طريقو ۽ اصلاحِ اُمّت ۾ دعوتِ اسلامي جي ڪردار جي باري ۾ بہ ٻُڌنديوسين، اي ڪاش جو اسان کي سڄو بيان سنين نيتن سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي-

اچو! سڀ کان پهريان هڪ واقعو ٻڌون ٿيون:

## ڏکڻي اميد جي خاتمي جو انعام

بَصره جي بادشاھ بادشاهي کي ڇڏي زُهد ۽ تقويٰ واري راھ اختيار ڪئي، پر ٻيهر سلطنت ۽ حڪومت ڏانهن مائل ٿيو، عيش ۽ عشرت ۾ باقي زندگي گذارڻ جو ارادو ڪيو. ان هڪ شاندار محل نهرايو، جنهن ۾ اعلي قسم جون قالينون وڇايون ۽ هر طرح جي ساز ۽ سامان سان ان عظيمُ الشّان محل کي سينگاريو ۽ هڪ ڪمرو مهمانن جي لاءِ خاص ڪري ڇڏيو، اتي عمده بستر وڇايا ويندا هئا، مختلف قسمن جا کاڌا گهرايا ويندا هئا. اهو بادشاھ ماڻهن کي گهرائيندو هو، عظيمُ الشّان محل ۽ بادشاھ جي شان ۽ شوڪت ڏسي ماڻهو تمام گهڻي تعريف ۽ خوشامد ڪندا هئا. هي سلسلو ڪافي عرصي تائين هلندو رهيو، بادشاھ دنيا جي رنگينين ۾ مصروف ٿي چڪو هو، ان جي هن عظيمُ الشّان محل ۾ هر طرح جا موسيقي جا اوزار ۽ عيش ۽ عشرت جو سامان موجود هو. اهو هر وقت دنياوي ڳالهين ۾ مگن رهندو هو. انهن مشغلن بادشاھ کي ڊگهين اميدن جي تباھ ڪار باطني بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن ان پنهنجي خاص وزيرن، مُشيرن ۽ عزيزن کي گهرائي چيو: توهان هن عظيمُ الشّان محل ۾ منهنجون خوشيون ڏسي رهيا آهيو، ڏسو! آئون هتي ڪيترو سڪون ۾ آهيان، آئون چاهيان ٿو ته پنهنجي پُٽن جي لاءِ به اهڙو ئي عظيمُ الشّان محلّ نهرايان، توهان ڪجھ ڏينهن مون وٽ ترسو، خوب عيش ڪريو ۽ وڏيڪ محلّ نهڻ جي باري ۾ فائديمند مشوره ڏيو، ته جيئن آئون پنهنجي پُٽن جي لاءِ بهترين محلّ نهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. پوءِ اهي ماڻهو ان وٽ رهڻ لڳا، هڪ رات بادشاھ سميت سڀ ماڻهو راند روند ۾ مشغول هئا ته محل ۾ ڪنهن پاسي کان هڪ غيبي آواز سيني کي ڏڪائي ڇڏيو، ڪير چوڻ وارو چئي رهيو هو:

”اي پنهنجي موت کي وساري عمارت نهرائڻ وارا! ڊگهيون ڊگهيون اميدون ڇڏي ڏي، چو ته موت لکجي چڪو آهي. ماڻهو چاهي پاڻ کلن يا ٻين کي کلائن، بهرحال موت ان جي لاءِ لکيو ويو آهي ۽ تمام وڏيڪ اميد رکڻ واري جي سامهون تيار بينو آهي. اهڙا محل هرگز نه نهراء، جنهن ۾ تون کي رهڻو ئي ناهي، تون عبادت ۽ رياضت اختيار ڪر ته جيئن تنهنجا گناھ معاف ٿي وڃن“

ان غيبي آواز بادشاھ ۽ ان جي سيني ساٿين کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، بادشاھ پنهنجي دوستن کي چيو: جيڪو غيبي آواز مون ٻڌو ڇا توهان به ٻڌو؟ سيني گڏجي هڪ آواز ۾ چيو: جي ها! اسان به ٻڌو آهي. بادشاھ چيو: جيڪا شيءِ

مان محسوس ڪري رهيو آهيان ڇا توهان به محسوس ڪري رهيا آهيو؟ بادشاهه کان دوستن پڇيو: توهان ڇا محسوس ڪري رهيا آهيو؟ ان چيو: مان پنهنجي دل تي ڪجهه بار محسوس ڪري رهيو آهيان، مون کي لڳي ٿو ته هي منهنجي موت جو پيغام آهي. ماڻهن چيو: اهڙي ڪا ڳالهه ناهي، توهان جي عمر وڏي ۽ عزت بلند ٿئي، توهان پريشان نه ٿيو. ان غيبي آواز بادشاهه جي دل مان **ڊگهين اميدن** جو خاتمو ڪري ڇڏيو، ان کي عيش ۽ عشرت جا سيئي منصوبا حقير نظر اچڻ لڳا، آخرت جي فڪر جو ان تي غلبو ٿيو، ان جي دل مان خواهشن جي باهه وسامي وئي ۽ اهو گناهه ڇڏڻ جو ارادو ڪندي بارگاهِ خداوندي ۾ هيئن عرض ڪرڻ لڳو: ”اي منهنجا پاڪ پروردگار! مان تو کي ۽ هتي موجود تنهنجي ٻانهن کي گواهه بڻائي تنهنجي طرف رجوع ڪريان ٿو ۽ پنهنجي تمام گناهن ۽ زيادتين تي نادم ٿي توبهه ڪيان ٿو. اي منهنجا خالق! جيڪڏهن تون مون کي دنيا ۾ ڪجهه مدّت وڌيڪ باقي رکڻ چاهين ٿو ته مون کي دائمي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي راهه تي هلاءِ ۽ جيڪڏهن مون کي موت ڏئي پنهنجي طرف گهرائڻ چاهين ٿو ته تون مون تي ڪرم ڪر ۽ پنهنجي ڪرم سان منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏ.“ بادشاهه اهڙي طرح التجا ۾ مصروف رهيو ۽ ان جو سور وڌندو ويو، پوءِ ان هنن لفظن جي تڪرار شروع ڪري ڇڏي: الله جو قسم! موت، الله جو قسم! موت. بس اهي ئي ڪلما ان جي زبان تي جاري هئا ته ان جو روح پرواز ٿي ويو.

(موسوعۃابن ابي الدنيا، قصرالامل، ۳۶۱/۳، رقم :۲۷۱،عيون الحكايات،الحكاية الثالثۃوالسبعون ــ الخ،ص ۴۰۴ ملخصاً)

خُدایا بُرے خاتمے سے بچانا پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یاالٰہی
گناہوں کی عادت بڑھی جارہی ہے کرم یا الٰہی کرم یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم ،ص۱۱۱،۱۱۰)

## پهريون سبب ڊگهيون اميدون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي اصلاح ۾ سڀ کان پهريان ۽ وڏي رڪاوٽ **ڊگهيون اميدون** آهن، ڇوته ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان کي گناهن جي گِهري(اونهي) کڏ ۾ ڌڪي ڇڏينديون آهن، ❖ **ڊگهيون اميدون** خواهشن جو دروازو کولينديون آهن، ❖ **ڊگهي اُميدن** جي آفت انسان کي دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪيئي طرح جي مصيبتن ۾ مبتلا ڪندي آهي، نفس ۽ شيطان ان کي توبه جي اُميد ڏياري پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائيندا آهن- ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان کي

دنياوي لَذّتن ۾ بَدمَست ڪنديون آهن- ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان کي قبر جي وحشتن کان غافل ڪنديون آهن- ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان کي گناهن تي دلير ڪنديون آهن- ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان جي اصلاح ۾ رڪاوٽ بڻجنديون آهن- ❖ **ڊگهيون اميدون** انسان کي موت جي تياري کان بي پرواهه ڪنديون آهن- ❖ **ڊگهي اميدن** ۾ مبتلا ٿي انسان طرح طرح جي گناهن ۾ ملوث ٿي ويندو آهي- جيئن ته بيان ڪيل واقعي ۾ بادشاهه **ڊگهي اميدن** ۽ دير تائين زنده رهڻ جي آفت ۾ مبتلا ٿي پُر رونق محلات جي تعميرات ۽ راند روند جي آلات ۾ مشغول ٿيو، دوستن جي بي فائده صحبت ۽ نوڪرن جي خُوشامدانہ خدمت جي نَشي ۾ قبر جي تنهائي کي وساري وينو، پر جيئن ئي ان جي دِل مان **ڊگهي اُميدن** جي باهه ختم ٿي، غفلت جي اونداهي دور ٿي ته اهو بادشاهه گُناهن کان بيزار ۽ ان جي دل دنيا کان بيزار ٿي ته ان يڪدم بارگاهِ الٰهي ۾ توبہ ڪئي- **ڊگهي اُميدن** بابت الله ڪريم سيپاري 14 سورةُ **الحجر** جي آيت نمبر 3 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ذَرۡهُمۡ يَاۡكُلُوۡا وَ يَتَمَتَّعُوۡا وَ يُلۡهِهِمُ الۡاَمَلُ فَسَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳﴾

ترجمو ڪنزالايمان: انهن کي ڇڏي ڏي ته کائن ۽ نفعو وٺن ۽ اميد انهن کي غفلت ۾ وجهي پوءِ جلدي انهن کي خبر پوندي.

صدر الافاضل حضرت علاّمہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ان ۾ تنبيهہ آهي ته **ڊگهين اميدن** ۾ گرفتار ٿيڻ ۽ دنيا جي لذّتن جي طلب ۾ غرق ٿي وڃڻ، ايماندار جو شان ناهي. حضرت علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جن فرمايو: **ڊگهيون اميدون** آخرت کي وساريندون آهن ۽ خواهشن جي پيروي، حق کان روڪيندي آهي. **ڊگهي اميد** ڇا آهن، **ڊگهي اميدن** مان ڇا مراد آهي اچو! ٻڌون ٿيون:

## ڊگهي اُميد مان ڇا مراد آهي؟

جن شين کي حاصل ڪرڻ تمام مشڪل هجي، ان جي لاءِ **ڊگهيون اميدون** ٻڌي ڪري زندگي جا قيمتي لمحا ضايع ڪرڻ، ڊگهي اميد چورائيندو آهي. (فيض القدير،حرف الهمزة،١/٢٧٧، حديث :٢٩٤)

ياد رکو! ڊگهي اميد شيطان جو هڪ هٿيار آهي، تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي ته (شيطان مردود) ڊگهي عرصي تائين زنده رهڻ جي سوچ انسان جي دل،

دماغ ۾ ويهاري موت کان غافل رکي ٿو، ايستائين جو انهيءَ آس اميد تي جيئندي ئي اوچتو اهو وقت اچي ويندو آهي جو موت پنهنجي دردناڪ پڪڙ ۾ جڪڙي وٺندوآهي پوءِ هاڻي پڇتائڻ کهڙي ڪم جو جڏهن جهرڪيون چڳي ويون کيت، آخرڪار پنهنجي ڪيل عملن جي انجام کي منهن ڏيڻو پوندو آهي- (صراط الجنان، ٣١١/٣ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄڪلهه ماڻهن جي اڪثريت موت کي وساري دنيا جي ڊگهي اميدن ۾ گم آهي جنهن جي ڪري ڪٿي چوري جو گناهه ڪيو پيو وڃي تہ ڪٿي لٽ مار، ڪٿي گاني باجي جا پروگرام(Functions) آهن تہ ڪٿي ڊانس پارٽي جي تقريب، ڪٿي تڪبر ۽ غرور آهي تہ ڪٿي حسد ۽ عناد، ڪٿي بغض ۽ ڪينو آهي تہ ڪٿي ذاتي دشمني، ڪٿي ڪاروباري مال تي جهيڙو آهي تہ ڪٿي وراثت جي تقسيم تي بحث ۽ مباحثو، ڪٿي خريد ۽ فروخت جي معاملي ۾ ڌوڪو فريب آهي تہ ڪٿي ڪاڙي پيتي جي شين ۾ملاوٽ جو بازارگرم، ڪٿي نماز جي ادائيگي ۾ لاپرواهي آهي تہ ڪٿي ٻانهن جي حقوق (Rights) جي پاسداري ناهي، نہ علمِ دين جو ذهن آهي ۽ نہ حلال ۽ حرام جي تميز مطلب تہ موت کان غفلت، ڊگهي اميد ۽ دنيا جي محبت اسان کي بدلجڻ ناهي ڏيندي، اسان کي پنهنجي اصلاح ناهي ڪرڻ ڏيندي، اسان جي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيڻ ناهي ڏيندي، چوتہ ڊگهيون اميدون گناهن جي جڙ ۽ انسان جي تباهي ۽ بربادي جو هڪ سبب آهن،

نبيِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: اَوَّلُ فَسَادِهَا اَلْبُخْلُ وَالاَمَلُ يعني هن امت جو پهريون فساد بخل ۽ ڊگهي اميد آهي. (مشكاة المصابيح،باب الامل و الحرص،الفصل الثالث،٢/٢۶٠،حديث: ٥٢٨١)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني مسلمان جو پهريون گناهه، جيڪو ٻين گناهن جو سبب آهي اهي هي ٻہ (2) شيون آهن: (1) بخل جڙ آهي خون ريزي ۽ فساد جي (2) ڊگهيون اميدون جڙ آهن، غفلت ۽ گناهن جي. انسان پوڙهائپ ۾ بہ هي سوچيندو آهي تہ اڃان عمر گهڻي آهي، نيڪيون آئينده ڪري وٺنداسين، انهيءَ خيال ۾ رهندا آهن تہ موت اڃي ويندو آهي. (مراة المناجيح،٩۴/٧)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! واقعي اها حقيقت آهي تہ نفس ۽ شيطان اسان

ڪي هن طرح ڏوڪي ۾ قابو ڪندا آهن تہ اجان توهان جوان آهيو پوڙهائپ ۾ توبہ ڪري ونجو، اجان تہ گهڻي عمر پئي آهي، اجان تہ راند روند جا ڏينهن آهن، اجان دوستياڻن سان گڏ گهمڻ جا ڏينهن آهن، اجان عمده عمده ريسٽورنٽ تي کائڻ جا ڏينهن آهن، بعد ۾ توبہ ڪري ونجو، يا پوڙهائپ ۾ خوب نيڪيون ڪري ونجو، اهي جملا اسان کي پنهنجو پاڻ کي بدلڻ ۽ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ناهن ڏيندا، حالانڪ جيڪڏهن اسان غور ڪريون تہ اسان کي اهڙا ڪيئي نوجوان نظر ايندا، جن جون جوانيون بہ انهيءَ طرح جي خيالات ۾ گذري رهيون هيون پر زندگي انهن سان وفا نہ ڪئي، اهي اوچتو موت جا شڪار ٿي ويا، موت انهن کي هن پُررونق دنيا مان ڪٽي اونداهي قبر ۾ پهچائي ڇڏيو-

ياد رکو! وڏي عمر(Long life) ماڻڻ جي ڊگهي اميد نمازون قضا ڪرائيندي آهي، زڪوٰة ۽ فرض حج جي ادائيگي ۾ دير ڪرائيندي آهي، هميشہ سهولتن ڀري زندگي جي ڊگهي اميد ڏک، تڪليف ۽ مشقت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي، ڊگهيون اميدون ئي بلند ۽ بالا عمارتون تعمير ڪرڻ تي اڀريندڙيون آهن. ڊگهيون اميدون انسان جي دل ۾ مال ۽ دولت جي هَوَس پيدا ڪنديون آهن، ڊگهيون اميدون ئي انسان جي دل مان قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الٰهي ۾ پنهنجي هر عمل جي جواب ڏيڻ جو ڊپ ۽ بري خاتمي جو خوف ڪڍنديون آهن، انسان ڊگهي اميدن ۾ پئجي ئي مسلمانن سان بغض ۽ عداوت رکي ٿو، توبهہ ڪرڻ جي اميد تي غيبت، چغلي، حسد، تڪبر جهڙن باطني گناهن ۾ وجي پوي ٿو ۽ شيطان ان جي دل تي حڪومت ڪري ٿو. (موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 328، رقم: 103) ڊگهين اميدن جي سبب نيڪيون ڪرڻ دشوار ٿي ويندو آهي جيئن تہ

## نيڪي جي راهہ ۾ رڪاوٽ

حضرت سيدُنا امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڊگهيون اميدون نيڪي ۽ اطاعت جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن، پڻ هر فتني ۽ شر جو باعث آهن، ڊگهين اميدن ۾ مبتلا ٿي وڃڻ، هڪ مرض آهي جيڪو ماڻهن کي بين ڪيترن ئي مرضن ۾ مبتلا ڪندو آهي. (منهاج العابدين ،ص۱۱۸،ملخصا)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڊگهي اميد غافل ۽ سُست بڻائي ڇڏيندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو نيڪي ڪرڻ کان پهريان ئي دل ۾ هي خيال گهر ڪري ويندو آهي تہ ”اجان ٿورڙي دير کان پوءِ ڪندَس، اجان ڪافي وقت آهي، عبادت جو موقعو ضايع ٿيڻ نہ ڏيندَس“ ايئن ئي سستي ڪري اسين نيڪيءَ جو موقعو

ضايع ڪري ڇڏينديون آهيون. **ڊگهي اميد** انسان کي بد عملي جو شڪار ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن حضرت داؤد طائي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي آخرت ۾ ڏني ويندڙ سزا کان ڊڄندو آهي، اهو پري کي به ويجهو خيال ڪندو آهي، ۽ جيڪو **ڊگهين اميدن** ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي اهو بد اعماليءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. (منهاج العابدين ،ص٨١) تنهنڪري اسان کي گهرجي ته **ڊگهين اميدن** کان ڇوٽڪاري جي لاءِ **ڊگهين اميدن** جي نقصانن ۽ موت کي ياد ڪرڻ جي فضيلتن تي نظر رکون، ان جي برڪت سان اسان پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديوسين- اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اچو گڏجي دعا گهرون ٿيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻيو سبب خود احتسابي جو نه هجڻ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون ! اسين پنهنجي اصلاح ۾ رڪاوٽ بڻجڻ وارين شين جي باري ۾ ٻڌي رهيون هيوسين، اسان جي اصلاح ۾ رڪاوٽ ۽ اسان جي نه بدلجڻ جو ٻيو اهم ترين سبب خود احتسابي (پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ جي سوچ) جو نه هئڻ به آهي، ڇوته اسان پنهنجي عملن جو احتساب نٿيون ڪيون، ياد رکو! خود احتسابي جو نه هئڻ پنهنجي آخرت کان غافل ڪندو آهي، خود احتسابي جو نه هئڻ پنهنجي نيڪ عملن کان پري ڪندو آهي، اسان جا بزرگانِ دين روزانو پنهنجو محاسبو ڪندا هئا، پنهنجي عملن جو جائزو وٺندا رهندا ۽ خوفِ خُدا کان لرزندا رهندا هئا، جيئن

## نفس جو محاسبو ڪرڻ وارو خوش نصيب

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "حکایتیں اورنصیحتیں" جي صفحي 52 تي آهي: حضرتِ سيدُنا ابوبڪر ڪتّانِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ شخص برائين ۽ خطائن تي پنهنجي نفس جو محاسبو ڪندو هو- هڪ ڏينهن ان پنهنجي زندگي جي سالن جو حساب لڳايو ته سٺ (60) سال ٿيا، پوءِ ڏينهن جو حساب ڪيو ته ايڪيهه هزار پنج سو (21500) ڏينهن بڻيا ته ان هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ بي هوش ٿي ڪري پيو، جڏهن هوش ۾ آيو ته چوڻ لڳو: هاءِ افسوس! جيڪڏهن روزانو هڪ گناهه به ڪيو ته پنهنجي ربِّ ڪريم جي بارگاهه ۾ ايڪيهه هزار پنج سو (21500) گناهه ڪٺي حاضر ٿيندس تِه انهن گناهن جو ڪهڙو حال هوندو جن جو شمار ئي ناهي؟ هاءِ افسوس! مون پنهنجي دنيا

آباد ڪئي ۽ آخرت برباد ڪئي ۽ پنهنجي پروردگار جي نافرماني ڪندو رهيس، مان دنيا ۾ ته آبادي کان بربادي جي طرف منتقل ٿيڻ پسند نٿو ڪريان ته بروزِ قيامت بنا ثواب ۽ عمل جي حساب ڪتاب ڪيئن ڏيندس؟ ۽ عذاب کي منهن ڪيئن ڏيندس؟ پوءِ ان هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ زمين تي ڪِري پيو، جڏهن ان کي لوڏيو ويو ته ان جو روح پرواز ٿي چڪو هو- (حکایتیں اور نصیحتیں ،ص۵۲)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان اسان جي بُزرگانِ دِين جي ويجهو غور ۽ فڪر (مُحاسبو ڪرڻ) جي ايتري قدر اهميت هئي جو نيڪ عمل ڪرڻ جي باجود به پنهنجي نفس جي مخالفت ڪندا هئا، ۽ پنهنجو پاڻ کي گناهن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري جو خوف ڏياريندا رهندا هئا، ٿورو سوچيو! جڏهن اهي الله وارا ايتري قدر اِستِقامت سان پنهنجو محاسبو ڪندا هئا ۽ آخرت جي باري ۾ غوروفڪر ڪَندا هئا ته اسان گُناهگارن کي فڪرِ مدينه ڪرڻ جي ڪيتري قدر گهڻي ضرورت آهي- اچو! غور و فڪر جي عادت بنائڻ جي لاءِ هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿيون، جيئن

## ڏينهن رات "غوروفڪر"

حضرت رابعہ بصريہ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہَا جو معمول هو ته جڏهن رات ٿيندي هئي ۽ سڀئي ماڻهو سمهي پوندا هئا ته پنهنجي پاڻ کي چوندي هئي، اي رابعہ (تي سگهي ٿو ته) اها تنهنجي زندگي جي آخري رات هجي، ٿي سگهي ٿو ته تو کي سڀاڻي جو سج ڏسڻ نصيب نه ٿئي، اٿ ۽ پنهنجي ربِّ ڪريم جي عبادت ڪري وٺ ته جيئن سڀاڻي قيامت ۾ تو کي ندامت (یعنی ِشرمندگي) کي منهن نه ڏيڻو پوي، همت ڪر، سمهجانءِ نه، جاڳي پنهنجي رب جي عبادت ڪر، اهو چوڻ کان پوءِ پاڻ ٻيهنديون هيون ۽ صبح تائين نفل ادا ڪنديون رهنديون هيون- جڏهن فجر جي نماز ادا ڪنديون هيون ته پنهنجو پاڻ کي ٻيهر مخاطب ڪري چونديون هيون، اي منهنجا نفس! تو کي مبارڪ هجي جو گذريل رات تو وڏي مشقت برداشت ڪئي، پر ياد رکھ! اهو ڏينهن تنهنجي زندگي جو آخري ڏينهن ٿي سگهي ٿو- اهو چئي وري عبادت ۾ مشغول ٿي وينديون هيون ۽ جڏهن ننڊ جو غلبو ٿيندو هو ٻيهي ڪري گهر ۾ هلڻ شروع ڪنديون هيون ۽ گڏوگڏ پاڻ کي اهو چونديون هيون: رابعہ! اها به ڪا ننڊ آهي، ان جو ڪهڙو لطف؟ ان کي ڇڏي ڏي ۽ قبر ۾ مزي سان ڊگهي مدت جي لاءِ سمهي

رهجان، اڄ تہ توکي گهٽي ننڊ نہ آئي پر ايندڙ رات ۾ ننڊ خوب ايندي، همت ڪر ۽ پنهنجي ربّ ڪريم کي راضي ڪري وٺ- اهڙي طرح ڪندي پاڻ پنجاهہ سال گذاري ڇڏيا، پاڻ نہ ڪڏهن بستر تي ستيون ۽ نہ ئي ڪڏهن وهاڻو مٿي تي رکيو ايستائين جو پاڻ انتقال ڪري ويون- (حڪايات الصالحين،ص ٣٩)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيڪڏهن اسين دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيون ٿيون تہ اسان کي خود احتسابي (غور و فڪر) جي عادت بڻائڻي پوندي ڇوتہ جهڙي طرح دُنياوي ڪاروبار سان تعلق رکڻ وارو ڪو بہ شخص انهيءَ وقت ڪامياب واپاري بڻجي سگهي ٿو، جڏهن اهو پنهنجي خرچ ڪيل مال کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ نفعو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ ان جو اَصَل سرمايو بہ مَحفُوظ رهي تہ هن مَقصَد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هو پنهنجي ڪاروبار (Business) جو روزانو، ماهوار ۽ سالانو حساب ڪتاب ڪندو آهي، پوءِ ان تي مختلف پهلوئن سان غور و فِڪر ڪندو آهي، جتي ڪنهن قسم جي خامي نظر ايندي آهي، ان کي دُرُست ڪندو آهي ۽ جيڪا شيءِ نفعي کي حاصل ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ بڻجندي آهي ان کي پري ڪندو آهي- جيڪڏهن اهو پنهنجي ڪاروباري مُعاملات جو مُحاسَبو نہ ڪري تہ ان کي نفعو حاصل ٿيڻ تہ رهيو پري، اُلٽو نُقصان پڻ ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ان نُقصان کان پوءِ بہ اهو غفلت جي گهري ننڊ کان بيدار نہ ٿئي تہ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو آهي جو ان جو اَصَل سرمايو بہ باقي ناهي رهندو ۽ هو پائي پائي جو مُحتاج ٿي ويندو آهي- بالڪل اهڙي طرح جيڪا "آخرت" ۾ نفعي ڪمائڻ جي آرزُو مَند هجي، ان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ڪيل عملن تي غور ڪري، جيڪي عمل ان کي نفعو ڏيارڻ ۾ مُعاون ثابت ٿين، اُن کي وڌيڪ بهتر ڪري ۽ جيڪي ڪم ان نفعي کي حاصل ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ بڻجي رهيا هجن، انهن کي ڇڏي ڏئي، جيڪا اهڙي طرح پنهنجو اِحتِساب جاري رکندي- اها الله ڪريم جي توفيق سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ نفعي ۾ ان کي جنّت ۾ داخلا نصيب ٿيندي، اهو ئي سبب هو جو حضرت سَيدُنا فاروق اعظم رضی اللہ عنہ روزانو پنهنجو محاسبو ڪندا هئا، جيئن

## سَيدُنا فاروقِ اعظم جو نفس جو محاسبو

حضرتِ سَيدُنا عمرفاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ (پنهنجو محاسبو فرمائيندي) رات جي وقت پنهنجي پيرن تي دُرَّو (ڪوڙو) هڻي فرمائيندا ها: ٻڌاءِ! اڄ تو "ڪهڙو

عمل“ ڪيو؟- (احياء العلوم،۳۵۸/۵ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ محاسبہ نفس ۽ خود احتسابي ڪرڻ کي ”غور و فڪر ڪرڻ“ چوندا آهن- اَمير اهلسنّت، حضرت علّامہ مولانا محمدالياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان جا سچا ۽ حقيقي خيرخواهہ آهن. پاڻ اسان کي هڪ عظيم الشان مدني نسخو”مدني انعامات“جي نالي سان عطا فرمايو آهي. ان تي عمل ڪري اسان پنهنجي اصلاح جو عظيم جذبو حاصل ڪري سگهون ٿيون. اهو **مدني انعامات** جو تحفو اسان جي بزرگن جي ياد کي تازو ڪري ٿو. اڪيلائيءَ ۾ **مدني انعامات** جي رسالي کي کولي ان ۾ شامل سوال جي جواب ۾ پاڻ ئي ”ها“ يا ”نہ“ جي ذريعي پنهنجي عملن جو جائزو وٺي سگهو ٿيون. جڻ اهي **مدني انعامات** اسان کي روزانو پنهنجي ئي لڳايل خود احتسابيءَ جي عدالت ۾ حاضر ڪري اسان کي پنهنجي ئي ضمير کان فيصلو ڪرائيندي ۽ اسان جي اصلاح جو سامان مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. اهي **مدني انعامات** جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا ۽ جهنم کان بچائڻ وارن عملن جو مجموعو آهن- بُزرگانِ دين بہ خود اِحتسابي ڪندا هئا ۽ درجات جي بلندي جو اهتمام ڪندا هئا- (جنت کی تیاري ،۴۰)

## ٿيون سبب بُري صحبت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ياد رکو! مشهور چوڻي آهي ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي ڏسي ان جهڙو ڍنگ اختيار ڪندو آهي. اڄوڪي دور ۾ اسان جي معاشري ۾ گناهن جي وڌڻ، پنهنجي اصلاح جي فڪر نہ هئڻ ۽ نيڪين ۾ دل نہ لڳڻ ۽ موت کان غافل ٿيڻ جو هڪ سبب بُري صحبت بہ آهي، چوتہ جڏهن اسان جي دوستي (Friendship) اهڙين سان هوندي جن کي نہ پنهنجي آخرت جو ڪو فڪر آهي ۽ نہ ٻين جو، تہ اُنهن جي صحبت ۾ رهي اسان تي بہ اهو ئي رنگ چڙهندو ۽ ائين ئي اسان پنهنجي اصلاح کان غافل ٿي پنهنجي قيمتي وقت کي فضوليات ۾ گذاريندي وسين-

ياد رکو! **بُري صحبت** انسان کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي، بُرين جي صحبت ۾ ويهڻ جڻ تہ آفتن، بلائن ۽ مصيبتن جي دروازي کي کوليندو آهي. بري صحبت انسان کي والدين جي نافرماني ڪرڻ، گهر وارن سان جهڳڙڻ، پنهنجي فائدي جي لاءِ ٻين کي تڪليف ڏيڻ، جهڙن ڪمن جي طرف مائل

ڪندي آهي.

 بُري صحبت ڪهڙا ڪهڙا ڪرشما ڏيکاريندي آهي، ان جي باري ۾ هڪ دردناڪ واقعو ٻڌون ٿيون، جيئن

## بُري صحبت جو انجام

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي نمبر290 تي فرمائن ٿا: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ علائقي ۾ هڪ عجيب و غريب بدبو (Bad-smell) محسوس ٿيڻ لڳي، علائقي وارن خوب جستجو ڪرڻ کان پوءِ بدبو جو سُراغ لڳايو، اها بدبو هڪ گهر مان اچي رهي هئي، تنهنڪري پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا تہ هي ڏسي سڀ حيران ٿي ويا تہ اتي هڪ کٽ تي هڪ جوان شخص جو لاش پيو آهي ۽ ان جا ڪجهہ حصا ڳري چڪا آهن ۽ ان ۾ جيت هلي رهيا آهن، هي منظر ڏسي ٻارن سميت ڪيئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، تحقيق ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ان علائقي ۾ آيل هو، ڪرائي جي جڳهہ ۾ رهندو هو ۽ ڪجهہ جوارين سان ان جي دوستي هئي، هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي دوستن ڪان جوا ۾ تمام گهڻي رقم ڪٽي ويو، هاريل جواري دوستن هارايل رقم ان کان ڦرڻ جي لاءِ هن جي ڳچي ۾ رسو وجهي ۽ بجلي جا ڪرنٽ هڻي ڪري ان کي ماري وڌو، پوءِ ان کي بنا ڪفن دفن جي تالو لڳائي فرار ٿي ويا- (نيڪي جي دعوت ، ص۲۹۰)

## چڱي صحبت جون برڪتون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ بُري صحبت دنيا ۽ آخرت جي لاءِ ڪيتري قدر نقصان ده هوندي آهي- بري صحبت جان ڪسجڻ جو سبب بڻجندي آهي، بري صحبت ذلت ۽ رسوائي جو سبب بڻجندي آهي، بري صحبت عبر تناڪ موت جو سبب بڻجندي آهي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسان بُري صحبت ڇڏي ديندار ۽ نيڪ اسلامي ڀينرن جي صحبت (Company) اختيار ڪريون، ڇوتہ اَلصُّحْبَةُ مُؤَثِّرَة يعني صحبت پنهنجو اثر (Effect) رکي ٿي- جنهن خوش نصيب اسلامي ڀيڻ کي چڱي صحبت نصيب ٿي وڃي تہ ان جا ڀاڳ

ڪلي پوندا آهن، ڇوته ❖ **چڱي صحبت** جي برڪت سان سنيون عادتون پيدا ٿين ٿيون- ❖ **چڱي** صحبت نمازي بڻائيندي آهي⋆**چڱي** صحبت تلاوت قرآن جو شوق ڏياريندي آهي. ❖ **چڱي صحبت** جي برڪت سان علمِ دين سکڻ جو جذبو ملندو آهي. ❖ **چڱي صحبت** سان نيڪين ۾ آساني نصيب ٿيندي آهي، ❖ چڱي صحبت فڪرآخرت جو سبب بڻجندي آهي، ❖ **چڱي صحبت** دل ۾ خوفِ خُدا پيدا ڪندي آهي، ❖ **چڱي صحبت** بُري عادتن کان بچائيندي آهي، ❖ **چڱي صحبت** سنتن تي عمل جو جذبو بيدار ڪندي آهي، ❖ **چڱي صحبت** مُعاشري ۾ عزت جو سبب بڻجندي آهي، ❖ **چڱي صحبت** دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جي ضامن بڻجندي آهي-

ياد رکو! **چڱي صحبت** اپنائڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي جڏهن ته بُري صحبت اختيار ڪرڻ ۾ دِين ۽ دنيا جو سراسر نقصان ئي نُقصان آهي ڇوته بُري صحبت انسان جي ايمان تائين کي برباد ڪندي آهي، جيئن

## نانگ کان به خطرناڪ

مولانا جلال الدين رُومي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيستائين ممڪن هجي بُري يار (دوست) کان پري رهو، ڇوته بُرو ساٿي بُري نانگ کان به وڌيڪ خطرناڪ ۽ نقصان ده آهي، ان ڪري جو خطرناڪ نانگ ته صرف جان يعني جسم کي تڪليف يا نقصان پهچائيندو آهي جڏهن ته بُرو ساٿي جان ۽ ايمان ٻنهي کي برباد ڪندو آهي- (گلد سته مثنوي، ص۹۴)

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! افسوس صد افسوس! اڄوڪي دور ۾ جان کسيندڙ، خوفناڪ ۽ زهريلي جانورن، ڪيڙن مڪوڙن ۽ وحشت ناڪ شين کان ڊڄنديون آهن ۽ انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪنديون آهيون پر هلاڪت ۽ بربادي سان ڀرپور بُري صحبتن کان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش بلڪل ناهن ڪنديون، هاءِ! بري صحبت جي نحوست اهڙي ڇانئيل آهي جو عبادت ۾ دل ناهي لڳندي- رب ڪريم اسان کي نيڪ ۽ ديندا ر اسلامي ڀينرن جي صحبت اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## اصلاحِ اُمّت ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪردار

پيارا پيارا اسلامي ڀينرون! الحمدالله دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي چڱي صحبت فراهم ڪري ٿو، انڪري پاڻ به هن مدني ماحول سان

وابسته رهو ۽ ٻين اسلامي ڀينرن کي به هن مدني ماحول سان وابسته ڪيو. اَميرِ اهلسنّت، حضرت علّامه مولانا محمد الياس عطّارقادِري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه **ماڻهن** جي اصلاح ڏانهن خصوصي ڌيان ڏيندي دعوت اسلامي جو بنياد رکيو ۽ پاڻ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ مُعاشري جي اِصلاح جي لاءِ مسلمانن کي اهو مدني مقصد اپنائڻ جي ترغيب ڏياري ته **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي-"** پاڻ دعوتِ اسلامي کي پنهنجي ذات تائين محدود نه رکيو بلڪ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو، **مدني ڪمن** جي ڌُن رکڻ وارن، پنهنجي **جان ۽ مال** جي قُرباني ڏيڻ وارن مبلغن کي پنهنجي نگاهه فيض سان اهڙو نوازيو جو انهن کي مرڪزي مجلس شوريٰ جي لڙي ۾ پروئي ڇڏيو ۽ دعوتِ اسلامي جو نظام مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي حوالي ڪري ڇڏيو- مُعاشري کي جنهن جنهن ميدان ۾ اِصلاح جي ضرورت پيش ايندي وئي، شعبا ٺهندا ويا- هن سلسلي ۾ ❖ اشاعت علم جي لاءِ عظيمُ الشان دِيني درسگاهون، جامعاتُ المدينه (للبنِين و للبنَات) ۽ دِيني ۽ دُنياوي تعليم سان آراسته دارُالمدينه، ❖ حفظِ قرآن ۾ مصروف مدرسة المدينه(للبنين و للبنات)، ❖ **مسجد ڀريو تحريڪ سان گڏ مسجد ٺاهيو تحريڪ جي لاءِ مجلس خدام المساجد والمدارس** جو قِيام، ❖ **اَلمَدِينَةُ العِلمِيه** جهڙو علمي ۽ تحقيقي شعبو، ❖ مڪتبة المدينه جهڙو اهلِ سُنّت جو بهترين اِشاعتي ادارو، ❖ مُعاشري جي مختلف طبقن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي مضمونن تي مشتمل ماهوار فيضانِ مدينه ❖ ماڻهن جي روز مرّه بابت پيش ايندڙ مسئلن جي شرعي حل جي لاءِ **دارُالافتاء اهلسنّت** جو قيام سرفهرست آهي- جڏهن ته ميديا جي هن دَور ۾ عالَمِ اسلام جو 100فيصد گناهن کان پاڪ اسلامي چينل **"مدني چينل"** ته گهر گهر پهچي هن انداز سان **نيڪي جي دعوت** عام ڪري رهيو آهي جو ان کي هڪ سيڪنڊ ڏسڻ وارو به ان جي برڪتن سان محروم ناهي رهندو، چاهي اهو ٻار هجي يا وڏو، مرد هجي يا عورت، جڏهن ته هر هڪ **مدني چينل** جي برڪتن سان علمِ دِين حاصل ڪري رهيو آهي-

جيڪڏهن اوهان به بُري عادتن کان پيڇو ڇڏائي پنهنجي اصلاح ڪرڻ چاهيو ٿيون ته هِتو هٿ هن مَدَني ماحول سان وابسته ٿي عملي طور تي دعوتِ اسلامي واريون ٿيجي وڃو ۽ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي عادت ٺاهي وٺو، هنن مدني ڪمن ۾ مُستقل

مزاجي(Persistence) سان گڏ شرڪت ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِستقامت سان گڏ الله پاڪ ۾ ان جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت وڌيڪ پيدا ٿيندي، پياري صحابه ۾ اولياء جو مُبارڪ فيضان جاري ۾ ساري ٿي ويندو، گناهن کان دِل بيزار ٿيندي ۾ فِڪرِ آخِرت سان گڏ سُنّتن جي مُطابِق زِندگي گذارڻ جو به ذِهن بڻجندو- اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۾ ڪجھ سنتون ۾ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۾ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو** (مشکاۃالمصابيح، کتاب الايمان باب الاعتصام بالکتاب والسنة ، ۱/ ۵۵حديث:)

سينہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ڪاڌو ڪائڻ جو سنتون ۾ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! مکتبة المدينہ جي ڪتاب ”سنتون ۾ آداب“ مان ڪاڌو ڪائڻ جون سنتون ۾ آداب ٻڌون ٿيون ❖ هر ڪاڌي ڪائڻ کان پهريان پنهنجا هٿ ڪارائين تائين ڌوئي ونو. نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو هي پسند ڪري تہ الله پاڪ ان جي گھر ۾ برڪت وڌيڪ ڪري تہ ان کي گھرجي تہ جڏهن ڪاڌو حاضر ڪيو وڃي تہ وضو ڪري ۾ جڏهن کنيو وڃي تڏهن بہ وضو ڪري (ابن ماجہ،کتاب الاطعمہ،باب الوضوء عند الطعام ،حديث۳۲۶۰،۴/۹) ❖ مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: هن (يعني ڪاڌو ڪائڻ جو وضو) جي معنيٰ آهي: هٿ ۾ منهن جي صفائي ڪرڻ تہ هٿ ڌوئڻ ۾ ڳرڙي ڪري ونڻ- (مرآة المناجيح ،ج۶،ص۳۲) ❖ڪاڌو ڪائڻ کان پهريان جوتا لاهي ڇڏيو.❖ ڪاڌو ڪائڻ کان پهريان بسم الله الرحمن الرحيم پڙهي ونو. ❖ جيڪڏهن ڪاڌو ڪائڻ مهل بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ وسري وڃي تہ ياد اچڻ تي بِسْمِ اللهِ اَوَّلَہٗ وَاٰخِرَہٗ پڙهي ونو. ❖ ڪاڌو ڪائڻ کان پهريان هي دعا پڙهي وڃي جيڪڏهن ڪاڌي ۾ زهر بہ هوندو تہ اِنْ شَآءَالله اثر نہ ڪندو:(دعا هي آهي) بِسْمِ اللهِ الَّذِیْ لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِہٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ يَاحَیُّ يَاقَيُّوْمُ (يعني الله پاڪ جي نالي سان شروع ڪيان ٿي

جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابہ شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي.اي هميشہ زنده ۽ قائم رهڻ وارا.) (فردوس الاخبار ،حديث:١،١٩٥۵/ ٢٧٤)❖ **ساڄي هٿ سان کائو.❖ پنهنجي طرف کان کائو. ❖ ڪاڏي مان ڪنهن قسم جو عيب نہ ڪڍو، مثلاً هيئن نہ چئو تہ مزيدار ناهي، ڪچو رهجي ويو آهي، بيسواد ٿي ويو آهي** چوتہ ڪاڏي مان عيب ڪڍڻ مڪروه ۽ خلافِ سنت آهي بلڪ دل ڪري تہ کائو نہ ڪري تہ هٿ روڪي ڇڏيو.❖ **امامِ اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: ڪاڏي مان عيب ڪڍڻ پنهنجي گهر ۾ بہ نہ ڪرڻ گهرجي، مڪروه ۽ خلاف سنت آهي. (سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي) عادتِ ڪريمہ اها هئي تہ پسند آيو تہ تناول فرمائي ورتو نہ تہ نہ ۽ پرائي گهر ۾ عيب ڪڍڻ تہ(ان ۾) مسلمانن جي دل آزاري آهي ۽ ڪمال حرص ۽ بي مروتي تي دليل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ **حصو** 16 ۽ 120 **صفحن جو ڪتاب** ”سنتيں اور آداب“ **امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه **جا** بہ رسالا ”101 **مدني گل“ ۽** ”163 **مدني گل** هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَ الله! **آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو** موضوع هوندو: ”قيامت جون نشانيون“ جنهن ۾ اسين قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ قِيامت جي ڪجھ نشانين جي باري ۾ ٻڌنديوسين- پڻ اسان ڪي انهن نشانين ڪي ڏسي ڇا ڪرڻ گهرجي هن باري ۾ بہ ڪجھ ڳالهيون بيان ڪيون ويندون- لهٰذا! **آئنده اربع تي بہ اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو